مثنوي دلڪشا

فقير قادر بخش بيدل



CRAFIX : HABIB JAKHRO

بيدل يادگار ڪاميٽي، روهڙي

Scanned by CamScanner

مثنوي دلڪشا

(فارسي)

از

فقير قادر بخش "بيدل"

سنڌي ترجمو

پروفيسر ڊي. ڪي منشاراماڻي

مرتب

ڊاڪٽر نواز علي شوق

بيدل يادگار ڪاميٽي

روهڙي

Scanned by CamScanner

هيءُ ڪتاب بيدل سائينءَ جي 137هين عرس جي موقعي تي ڇپرايو ويو

ڪتاب جو نالو: مثنوي دلڪشا (فارسي)

مصنف: فقير قادر بخش "بيدل"

تعداد: پنج سؤ

ڇپائي جو سال ۽ مهينو: ڊسمبر 2005ع

ڇپائيند: بيدل يادگار ڪاميٽي

قيمت -/60 رپيا

Scanned by CamScanner

پبلشر پاران

فقير قادر بخش"بيدل" سنڌ جو عظيم صوفي بزرگ هو. هُو عربيءَ، فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ اردو زبانن جو وڏو عالم ۽ بلند پايه شاعر هو. انهن سڀني زبانن ۾ سندن ڪلام موجود آهي، جيڪو تصوف جو املهه خزانو آهي. سندن ڪلام ۾ قرآن پاڪ جون آيتون، حديثون ۽ صوفين جا قول وڏي خوبصورتيءَ سان ڏنل آهن.

ڊاڪٽر نواز علي شوق"بيدل" سائين جو عقيدت مند آهي. هُو ورهين کان هن درگاه تي حاضريون ڀريندو رهيو آهي. سندس ئي ڪوشش سان يادگار ڪاميٽي" جو قيام عمل ۾ آيو. ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري صاحب ان جو پختو بنياد رکيو. هن جيڪا شمع ٻاري هئي، اها اڄا تائين روشن آهي ۽ انشاءالله سدائين روشن رهندي.

فقير قادرؒ بخش " بيدل" مختلف زبانن ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا، پر سڀ کان گهڻو فارسي زبان ۾ لکيائون، مگر افسوس جو سندن فارسي ڪلام ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب اڻ ڇپيل آهن. "بيدل يادگار ڪاميٽي" جي اها ڪوشش رهي آهي ته بيدل سائين جا اڻ ڇپيل ڪتاب ڇپرايا وڃن. وڏي خوشي جي ڳالهه آهي ته ڊاڪٽر نواز علي شوق بيدل سائين جي فارسي مثنوي "دلڪشا" جا ٻه قلمي نسخا هٿ ڪري، ان سان ڏي ـ ڪي منشاراماڻي وارو سنڌي ترجمو شامل ڪري هيءُ ڪتاب تيار ڪيو، جيڪو بيدل يادگار ڪاميٽيءَ پاران ڇپرايو ويو آهي.

اسان کي اميد آهي ته ڊاڪٽر شوق ۽ ٻيا عالم بيدل سائين جا وڌيڪ ڪتاب تيار ڪندا ته جيئن فقير صاحب جو پيار، امن ۽ انسان دوستيءَ جو پيغام پري پري تائين پهچي وڃي ۽ ان جي سڳنڌ ۽ سُرهاڻ چوڏس پکڙجي دلين کي معطر ڪري ڇڏي.

مثنوي "دلڪشا" ۾ بيدل سائين ذڪر جي فضيلت بيان ڪئي آهي. اميد ته هيءُ مثنوي مرده دلين کي زنده ۽ اونداهي دلين کي روشن ڪندي.

اختر درگاهي

تاريخ : 8 ڊسمبر 2005ع

Scanned by CamScanner

ٻه اکر

فقير قادر بخش بيدل سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي زبان جو عظيم شاعر هو. سندن سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام ته ڇپيل آهي، پر سندن فارسي ڪلام اڻ ڇپيل آهي، جنهن ۾ غزليات جا ديوان، مثنويون، قطعات ۽ ٻيو ڪافي ڪلام اچي وڃي ٿو. اميد ته اسان جا اشاعتي ادارا ان طرف توجهه ڏيندا.

ممبئي ۾ صوفي سنگت نالي هڪ ادارو آهي، ان اداري پاران تصوف تي ڪجهه ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته ان اداري سنه 1996ع ۾ فقير قادر بخش "بيدل" جي فارسي مثنوي "دلڪشا" جو سنڌي ترجمو ڇپرائي پڌرو ڪيو. ان جو سنڌي نثر ۾ ترجمو ڊي . ڪي منشاراماڻي ڪيو آهي. ڪتاب جي آخر ۾ پرارٿنا (التجا ۽ عاجزي) ڏنل آهي. ان کان پوءِ هندي ۾ ترجمو ڏنو ويو آهي، جيڪو هن ڪتاب ۾ شامل نه آهي. ان ڪتاب جي فوٽو ڪاپي محترم اختر درگاهي صاحب عطا ڪئي.

جيئن ته مون وٽ "مثنوي دلڪشا" جي ٻن قلمي نسخن ۽ هندوستان ۾ ڇپيل سنڌي ترجمي جو عڪس موجود هو، تنهن ڪري مون اهو ضروري سمجهيو ته منشاراماڻي واري نثري ترجمي سان گڏ اصل فارسي متن شامل ڪيو وڃي، مون وٽ جن ٻن قلمي نسخن جو عڪس موجود آهي، انهن مان هڪ فقير محمد محسن "بيڪس" جي هٿ اکرين لکيل آهي، انهيءَ بياض ۾ بيدل سائين جو ڪجهه اردو ۽ فاسي ڪلام شامل آهي، پر افسوس جو ان جا هڪ ٻه ورق گم آهن، تنهن ڪري مثنوي جا ڪجهه شعر يعني شعر نمبر 142 کان 162 تائين ڪٽل آهن. اهو نسخو سنڌالاجي جي ڪتب خاني ۾ موسوي ڪارنر ۾ موجود آهي.

Scanned by CamScanner

هيو نسخو فقير هدايت علي نجفي "تارڪ" جو لکيل آهي، جيڪو مڪمل آهي. اهو نسخو پياري دوست انجنيئر عبدالحسين شاهه موسوي صاحب عنايت ڪيو. جيئن ته محسن سائين وارو نسخو اڻ پورو آهي، تنهن ڪري مون تارڪ فقير واري نسخي کي ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. جيئن ئي ميلي جي موقعي تي منعقد ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس جو دعوت نامو مليو ته سوچيم ته ڇو نه انهيءَ مبارڪ موقعي تي "مثنوي دلڪشا" جو منشاراماڻي وارو ڇپيل نثري ترجمو اصل فارسي متن سان گڏ شائع ڪجي. وقت ٿورو ۽ ڪم گهڻو هو. پر بيدل سائين جي دعا موليٰ جي مهر ۽ ڪرم سان هيءُ ڪم وقت تي مڪمل ٿيو. وقت ۽ سرمايي جي تنگي سبب فارسي ۽ سنڌي متن نئين سر ڪمپوز ڪرائڻ بجاءِ في الحال انهن جا عڪس ڏنا ويا آهن، زندگي رهي ته هيو ڇاپو ڪمپوز ڪرائي شاندار نموني ڇپرايو ويندو. سنڌي ترجمي واري ڪتاب جو عنوان آهي "نام سمر منهنجا من" نام سمرڻ. ان عنوان هيٺان ڏنگين ۾ هيءَ عبارت ڏنل آهي. (صوفي سنت ڪوي بيدل جي دلڪشا جو سنڌيءَ ۾ انواد) جس هجي صوفي سنگت وارن کي جن مثنوي دلڪشا جو سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪري سهڻو ڪتاب ڇپرايو. سچ پچ ته هندواسين، اسان سنڌ واسين تي وڏو احسان ڪيو آهي. اميد ته صوفي سنگت وارا اهو سهڻو سلسلو جاري رکندا.

هيءُ ڪتاب سائين پرسرام ِجوڳي جن جي جنم ڏينهن سنگت طرفان پڌرو ڪيو ويو. صوفي سنت سائين پرسرام ڪيسواڻي "جوڳي بابا" جو جنم 15 آگسٽ 1897ع ۾ روهڙي ۾ ٿيو. جيڪو بيدل سائين جو عقيدتمند هو ۽ مثنوي دلڪِشا جي تعريف ڪندو هو. ان جي شرح پنهنجن ٻالڪن کي ٻڌائيندو رهندو هو ۽ ڪين ست سنگ (ساڌن جي صحبت) ۾ رهڻ جي هدايت ڪندو رهندو هو. "جوڳي بابا جي نصير فقير جلالاڻي سان پڻ عقيدت ۽ محبت هئي. ڪيترائي هندو ۽ مسلمان نصير فقير جلالاڻي

Scanned by CamScanner

جا مريد آهن.

هن ڪتاب يعني ڊي. ڪي منشاراماڻيءَ واري ترجمي سان گڏ، هندوستان ۾ ڇپيل سندس ڪتاب ۾ آيل پيش لفظ پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

آخر ۾ مان سائين عبدالحسين شاھ موسوي صاحب جو ٿورائتو آهيان، جنهن قلمي نسخو عنايت ڪيو ۽ محترم اختر درگاهي جو پڻ احسانمند آهيان جنهن منشاراماڻي واري ڪتاب جو عڪس عطا ڪيو.

ڪراچي سنڌ
2 ڊسمبر 2005ع

ڊاڪٽر نواز علي شوق

Scanned by CamScanner

منڍ

اڄ تائين ذڪر (نام سمرڻ) بابت ڪو الڳ، پستڪ نظر مان ڪو نه نڪتو اٿم. شايد هيءُ ان طرح جو پهريون ئي ڪتاب آهي جنهن ۾ سنڌ جي هاڪاري صوفي شاعر ۽ درويش وڏي سائينءَ بيدل "دلڪشا" نالي فارسي مثنويءَ ۾ وستار سان ذڪر جي مهما ڪئي آهي ۽ روحاني طريقي جي پانڌيئڙن جو مارگ درشن ڪيو آهي.
اڌ صدي ٿيندي يا مٿي جو بيدل جي ان ڪوتا جو نقل اتارڻ شروع ڪيم پر اڌورو رهجي ويو. ان مثنويءَ ۾ شاهه شهيد شاهه عنايت جهوڪ واري جو سنڌن ئي بيسرنامه جي سلسلي ۾ ذڪر آيو ته من ۾ اجا پرگهت ٿي ته اهو هٿ ڪيو وڃي. نصيبن ڪان جوڳي صاحبن سان ملاقات ٿي، رهاڻ ٿي ۽ مون دلڪشا جو ذڪر ڇيڙيو. جيئن ته هو صاحب سنڌ ۾ مرشدن جي عرس تي سال به سال ويندا هئا ته مون لاءِ اهو ڪتاب زراڪس ڪرائي ڪٺي آيا. پر ڏٺم ته ان قلمي نسخي ۾ بي سر نامه جو ڪو حوالو ڪونهي. ممڪن آهي ته اهو نسخو ناقص هجي. خير جوڳي صاحبن کي ان طرح جو نام سمرڻ تي ڪتاب بيحد پسند آيو. ان طرح سنڌن فرمايش ۽ پريرڻا تي ان ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو ويو. سائين جن به ايشور جو نام جپڻ تي زور ڀرين ٿا ۽ سنڪت کي مخاطب ٿيندي ان پستڪ مان پڙهندا آهن ۽ انهن جي وياکيا ڪندا رهندا آهن. ساڻ ساڻ آتمڪ آنند جي تلاش ڪندڙن لاءِ ۽ دنيا جي رهواسين جي ڀلي لاءِ پرارٿنا ڪندا رهندا آهن، جنهن جو مطلب آهي اڍائي گهڙن جو خير ۽

Scanned by CamScanner

صلح شانتي. شاهہ لطيف جي لفظن ۾: ”دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين“ جوڳي صاحبن جي جيون ۾ اديش رهندو آيو آهي. سنگت کي ڄاڻ آهي تہ جوڳي صاحب جي نصير فقير جلالاڻي واري سان ارادتمندي هئي. جن جي زندگي خود عام جي ڀلائي ۽ سنسار ۾ سک شانتي لاءِ ارپت هئي. مون کي اڄ بہ سندن عظيم شخصيت اکين سامهون آهي ۽ سندن دعا ”ٻچو خير“ وسري نٿي. آءٌ اجا شاگرد هوس جو سائين نصير فقير کي پنهنجي ٽوليءَ سان، پنهنجي مريدن سان روهڙي جي صوفي فقير ڀائي گوبندرام صاحب جي ورسي تي ڏٺم. ان بعد ڊي . جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جي پرنسپال آين . بي ٻٺاڻي جي بنگلي تي بہ سندن درشن ٿيندو رهيو. سندن شخصيت گهڻو پرڀاوت ڪيو. تڏهن کا خبر ئي نہ هئي تہ سائين جوڳي صاحب سان هت ڪا ڪڏهن ملاقات ٿيندي، پر جڏهن ملڻ ٿيو تہ ائين محسوس ڪيم تہ ان ۾ بہ ڪو راز هو. جوڳي صاحب ئي نصير فقير جو راز هو ۽ جڻ تہ سندن ٻالڪو هو. سندن زندگي پنهنجي مرشد جي ويچارن کي عام اڳيان چڱيءَ طرح پيش ڪرڻ ۾ گذري آهي.

ڌڻيءَ در التجا آهي تہ کين وڏي آيو عطا ٿئي جئن سنساري جيون جي سک شانتي لاءِ مشعل جيان پرڪاش ڦهلائيندا رهن ۽ اسين سندن هدايت موجب نام سمرڻ ڪندا رهون.

15 – 08 – 1996

گوريگانءُ، ممبئي — ڊي . ڪي. منشاراماڻي

Scanned by CamScanner

بيدل جو پريچيہ

فقير قادر بخش عرف عبدالقادر سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي جو ناليرو شاعر محمد محسن جو فرزند روهڙي (سنڌ) ۾ ڄائو ۽ ان شهر ۾ ئي پرلوڪ پڌاريو. سندس مزار بہ ان شهر ۾ آهي، جتي ڪيئي هندو مسلمان اڄ تائين زيارت لاءِ ويندا آهن. سندس جنم 1814عيسوي ۾ ٿيو ۽ سندس رحلت 1872ع ۾ ٿي.

سندس ڪلام ڪافين ۽ بيتن جي صورت ۾ هن کان اڳ ٿي دفعا ڇپجي چڪو آهي. هن جا ڪيئي ڪتاب فارسي زبان ۾ آهن جي اڪثر قلمي نسخن ۾ آهن ۽ اڃا ڇاپي هيٺ ڪو نہ آيل آهن. صرف پنج گنج نالي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو خليفي سبحان بخش (مرحوم) ڪيو جو ڇپيل آهي. "دلڪشا" جو سنڌي ترجمو بہ مرحوم سبحان بخش ڪيو، پر اهو اڻ ڇپيل رهجي ويو. شامل ترجمو پهرين بار ڇپجي رهيو آهي.

مختصر طور چئجي تہ بيدل قادري طريقي جي صوفين سان تعلق رکي ٿو ۽ هو وحدت الوجود (Pantheism) يعني همہ اوست (سڀ ڪجهہ هو آهي) نظريي جو قائل آهي. روحاني رند ۾ ڪيئي درگاهون پينئيائين ۽ فيض حاصل ڪيائين پر خاص ڪري شاهہ شهيد شاهہ عنايت جهوڪ، قلندر شهباز سيوهڻ ۽ ٻين درگاهن جو طالب هو. شاهہ شهيد جي وڏي خليفي مير جان الله شاهہ جي درگاهہ سان بہ عقيدتمندي هئس.

Scanned by CamScanner

ازانسواءِ هو اپياسي هو. سنڌ جي سنڌي شاعرن ۽ ايران جي مشهور صوفي شاعرن جو بہ گهرو مطالعو ڪيائين، جنهن جون جهلڪون سندس ڪلام ۾ بہ موجود آهن. دلڪشا مثنوي فارم ۾ نظم ڪيل آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 250 مصرعن ۾ ذڪر ۽ فڪر تي روشني وڌل آهي. سندس طرز اها ئي آهي جهڙي ڪنهن استاد جي هجي. ائين وينو سمجهائيون ڏئي، جيئن ڪنهن شاگرد کي هڪ هڪ نڪتو بيان ڪري ان جي شرح ڪبي آهي. بهرحال هن دور ۾ جڏهن تناءَ آهي بيدل جا سلجهيل ويچار ذڪر جي باري ۾ اسان کي ڪافي سڪون پهچائيندا ۽ شانتي بخشيندا.

ڊي. ڪي منشاراماڻي

Scanned by CamScanner

بيدل جي شاعريءَ جو مختصر جائزو

روهڙي سنڌ جو اهو شهر آهي، جيڪو نہ فقط تاريخي لحاظ سان اهم آهي، پر روحاني لحاظ سان پڻ وڏي اهميت رکي ٿو. مٿي مُرسل ﷺ جي وار مبارڪ جي زيارت، صوفي سونهارن جون مزارون ۽ درويشن جون درگاهون، عاشقن جا اوتارا ۽ قدرتي نظارا هيءُ شهر چڻ جنت جو هڪ حصو آهي.

زهي لُهري ڪہ جَناتِ عدن است،
سراپا مجمع آرام و امن است.

فقير قادر بخش بيدل جي ولادت ان ئي جنت واري جُوءِ ۾ ٿي. سندن ولادت جي تاريخ سندن فرزند، فقير محمد محسن بيڪس ”گُلي راحت العاشقين“ مان ڪڍي آهي. فرمايو اٿن.

زغيب آمده روضة العارفين،
بگفتم: گُلي راحت العاشقين.

۱۲۳۱ھ

فقير قادر بخش بيدل عربي فارسي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ روحانيت جي طلب لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن جو سير سفر ڪيو. سيوهڻ وڃي حضرت قلندر لعل شهباز رحہ (وصال ۶۵۰ھ) جي درگاهہ تي حاضري ڀري، پريالوءِ وڃي مخدوم محمد اسماعيل (وصال ۱۱۷۴ھ) جي مزار پُرانوار جو ديدار ڪيو. پير ڳوٺ وڃي پير صبغة الله شاه (وصال ۱۲۴۶ھ) جي صحبت بابرڪت ۾ رهي پنهنجي همعصر پير علي گوهر شاه اصغر (وصال ۱۲۶۳ھ) سان گڏ مثنوي معنوي جي درس ۾ شامل ٿيو. مطلب تہ مڙني هنڌن تان فيض حاصل ڪري روهڙي موٽي آيو. بعد ۾ شاه شهيد جي مريد صوفي صديق صادق

* صوفي صديق صادق اهر (ڏوري ناري) جو ويٺل هو. جهوڪ جي درگاهہ جي سجاده نشين شاه فضل الله قلندر (وصال ۱۲۴۳ھ) جو مريد هو. سندن ڪتاب 'راڳ نامو' ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تصحيح سان ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز طرفان سنہ ۱۹۸۱ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

Scanned by CamScanner

(وصال ١٢٦٥ھ) جي دعا سان وڏي درجي تي رسيو. بيدل سائين اڪثر جھوڪ، سيوهڻ، درازا، پير جي ڳوٺ ۽ ٺٽل شريف ويندو رهندو هو. گھڻو غالب آهي ته هن ڏهن ٻارنهن ورهين جي ڄمار ۾ درازن ۾ سچل سائين جي زيارت ڪئي هوندي. ان ڳالھ جو اشارو سندن ان ڪافيءَ مان ملي ٿو، جيڪا پاڻ سچل سائين جي وصال تي چئي هئائون:

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو،
سرمست سالڪ سچل، عاشق اتي اظهار هو،
وجد وحدت جو سدا خاصو تهين خمار هو،
مرد سو منصور وانگر، عشق جو اوتار هو.

اها ڪافي پڙهڻ سان گمان پيدا ٿئي ٿو ته شايد بيدل درازن ۾ عشق جو اهو اسرار ڏٺو هجي ۽ ان دور جي منصور جي زيارت ڪئي هجي. ڇاڪاڻ ته هن ڪافيءَ جو انداز ڪجھ اهڙو آهي. ڄڻ بيدل سائين مشاهدو ماڻي، پوءِ اهي ڳالهيون ڪيون.

جيڪڏهن هن سچل سائين جي زيارت نه به ڪئي هجي، پر اهو يقين سان چئي سگھجي ٿو ته هن درازن ۾ سچل سائين جي طالبن فقير محمد صالح (وصال ١٢٧٨ھ) فقير نانڪ يوسف (وصال ١٢٦٩ھ) ۽ ٻين سان ضرور رهاڻيون ڪيون هونديون. فقير محمد صلاح دونهين وارو وصال ١٢٧٥ھ) جيئن ته ڪين ويجھو هو، تنهن ڪري ان سان ته گھڻو ڪري سندس روزانو ڪچهري ٿيندي هئي. مطلب ته درويشن جي دعا سان ڄائو ۽ صوفي سونهارن جي صحبت ۾ رهيو.

٥٩ ورهيه هن ناسوتي ملڪ جو سير ڪري ١٦ ذولقعد سنه ١٢٨٩ھ مطابق ١٥ جنوري ١٨٧٣ع ۾ وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليو. سندس وصال تي ڪيترن ئي شاعرن قطعا چيا. سندن فرزند فقير محمد محسن بيڪس (وصال ١٢٩٨ھ) هڪ فارسي قطعي ۾ ڪين پنهنجو هادي مرشد سڏيندي، سندن صفت ۽ ساراھ بيان ڪندي، وڏي عقيدت ۽ احترام جو اظهار ڪيو آهي. محسن ان وقت چوڏهن پندرهن ورهين جو نينگر هو.

بيدل جا ڪيترائي مريد ۽ عقيدت مند هئا. سندن فيض واري چشمي مان ڪيترن ئي پنهنجي اُڃ اجھائي. فقير غلام علي مسرور انهن مان هڪ هو. ڪيس بيدل سان بي پناھ عقيدت هئي. هن پنهنجي مرشد جي شان ۾ ڪجھ ڪافيون چيون آهن. هتي سندس ٻن ڪافين جا ڪجھ شعر پيش ڪجن ٿا.

دائم قائم قرب قرارو، ڪعبو قبلي گاھ،
هادي بيدل شاهنشاھ.
روهڙي فرش وڇائي گادي، موڙ ٻڌي سر وينو هادي،

Scanned by CamScanner

ٿي وٺي مڪان ملڪ مناڊي، واحد وجه الله،
شاهنشاه شهباز اهوئي، دولھ شاھ دراز اهوئي،
خفي جلي جو راز اهوئي، فائق فيض درياھ،
ظاهر بندو باطن مولئٰ، نوان نوان نت پهري چولا،
پيچي وجود وهمڙ وچولا، آيو عاليجاھ
هادي حق مسرور مليو آ، پول پيو سڀ دل جو پليو آ،
خيال خدائي خوب ڪليو آ، آندو ٿم وسياھ۔

هيٺئر هڪ ٻي ڪافيءَ جا ڪجھ شعر پيش ڪجن ٿا.

ٻڌي ٻانهون تنهنجي در تي ڪيان فرياد اي بيدل
خدا جي واسطي مون کي ڪيو ارشاد اي بيدل
محبت عشق مولا جو، عطا قطرو ڪري سائين
نوازي هن طرح نوڪر، ڪيو دل شاد اي بيدل
پلايو پيالُ ڪو پنهنجو، وسايان وحدتي ويڙهو
ڪيو هن ڪوٽ ڪثرت کان ڪڍي آزاد اي بيدل
مٺا مرشد اوهان ڌاران، وسيلو ڪونه ڪوئي آ
زبان تي ناءَ تنهنجو ٿم سدائي ياد اي بيدل
مجازي جي جَهلي جهولي ڪنان امن وامان ڏيئي
سدا مسرور جو ويڙهو رکو آباد اي بيدل۔

سنڌي شاعري:

شاه لطيف ۽ سچل سرمست کان پوءِ بيدل جي ڪلام کي هند ۽ سنڌ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ٿي. ڪافين جا جيڪي ٻه بياض موجود آهن، تن مان هر هڪ ۾ بيدل جو ٿورو گهڻو ڪلام ضرور نظر ايندو. لاڙ جي خبر ناهي باقي اتر ۽ وچولي ۾ جتي جتي راڳ ويراڳ جي محفل ٿيئي ٿي، اتي بيدل جو ڪلام ضرور ڳايو وڃي ٿو.

منهنجي والد صاحب مرحوم تاج محمد سهرياڻي (وفات ۱۱ مئي ۱۹۹۰ع) ٻڌايو هو ته ڪنڊڪوٽ ۽ ڪشمور تعلقن ۾ جتي ٻه راڳ جي محفل ٿيندي هئي، اتي شاه لطيف، سچلُ سرمست، بيدل، ٻيڏڙي فقير ۽ رکيل شاه جو ڪلام ضرور ڳايو ويندو هو.

هي ٻئي ڪافيون پياري دوست بيدل مسرور موڪلي ڏنيون، جنهن لاءِ سندس مهرباني.

Scanned by CamScanner

بيشڪ بيدل پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو. عاشقاڻي ۽ صوفياڻي مضمونن، موسيقيءَ جي اصولن ۽ ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ سبب سندن ڪلام کي وڏي مقبوليت حاصل ٿي.

سندن ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هو پنهنجي شاعريءَ ذريعي 'پاڻ سڃاڻ' جي بار بار هدايت ڪري ٿو. جيڪو پاڻ کي نه سڃاڻيندو، سو پنهنجي رب کي ڪيئن سڃاڻي سگهندو؟ تنهن ڪري سڀ کان پهرين انسان پنهنجو پاڻ سڃاڻي. پنهنجي شرف، شان، مان ۽ مرتبي کان واقف ٿيندو ته پوءِ هُو هن جڳ ۾ اهڙا ڪم ڪندو، جيڪي سندس شان وٽان هوندا. پر جيڪو پاڻ کي نه سڃاڻندو سو ڪڏا ڪم ڪندو رهندو. اهوئي سبب آهي جو بيدل ڪيترن ئي هنڌن تي پاڻ سڃاڻ جي تلقين ڪئي آهي. هتي هڪ مثال پيش ڪجي ٿو. فرمائي ٿو:

ظاهر بندو باطن موليٰ، برهه جي بازي پرجهي ڪيرُ
'من عرف' جي مام موچاري، فرمودي ۾ ناهي ڦير،
تان تون پنهنجو پاڻ سڃاڻين، وحدت وارو پيرج پير
پنهنجو سِرُ صحي ڪج بيدل، سوجهي سنجهي سِرِيءَ جو سير.

هڪ ٻي ڪافيءَ ۾ فرمائي ٿو:

ڪعبو قدسي توهي سائُ، ڪوهه ڪڏين ڪعبي جي ڪاڻ
الانسان سرّي وانا سرّه، رمز پروڙ. اها منجه پاڻ
ملڪ فلڪ سڀ تنهنجا ساجد، سالڪ پنهنجو سِرُ سڃاڻ
ڪُرسي عرش اَمر تنهنجي ۾، وحدت جو تو منجه وٿاڻ.

بيدل وحدة الوجدي شاعر هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ بار بار 'همه اُوست' جو ذڪر ڪيو آهي. ۽ ان کي صحيح سمجهڻ لاءِ قرآن مجيد جون آيتون ۽ حديثون سند طور ڏنيون اٿائين. هو ٻڌائي ٿو ته هر جا 'همه اوست' جو هوڪو آهي. اهو ڏيان سان ٻڌڻ گهرجي. فرمائي ٿو:

هوڪو 'همه اوست' جو سڄ ڏيان ڏري،
'الا انه بڪلِ شيءٍ محيط' پرين ناهه پري،
ٿو سهسين ويس ڪري، سيوئي آهه سپرين.

ساڳي ڳالهه وري 'مڙوئي محبوب' چئي سهڻي نموني سمجهائي ٿو. فرمائي ٿو:

مڙوئي محبوب آ، مشتاقن مقصود،
سدا حق موجود، 'همه' کي هڪ ڄاڻ تون.

Scanned by CamScanner

ان نڪتي کي سمجهائڻ لاءِ 'همه کي همه ڄاڻ تون' وارن بيتن جي ڪنڊي نظر ايندي. مثال لاءِ هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

همه کي همه ڄاڻ تون، همه همه آهي،
'لا' سين ڇڏ لاهي، خام خوديءَ جا خطرا.

صوفي سونهارن جن مختلف منزلن جو ذڪر ڪيو آهي، يعني ناسُوت، ملڪُوت، جبرُوت، باهُوت، هاهُوت. بيدل سائين هڪ ئي ڪافي ۾ انهن سيني منزلن جو ذڪر ڪندي، انهن جي مختصر سمجهاڻي ڏني آهي. فرمائي ٿو:

اُڏر پکيئڙا واءَ واهيري، نڪر منجهان ناسُوت.
جنهن وساريو قالب خاڪي، آهي ماهرُ ۾ ملڪوت.
پاڻُ سڃاڻ تہ آهين عارف، جاءِ تنهن جي جبروت.
گهٽا ڏينهن وٺاڻ هو تنهنجو، لامڪان لاهُوت.
آدم حوا ڪون هئين تون اڳهين، بيشڪ ۾ باهُوت.
بيدل ڪر پرواز جو سعيو، هَلُ موٽي هاهُوت.

ڪڏهن وري سچل واري رنگ ۾ ساڳيائي خيال هن ريت بيان ڪري ٿو:

آءٌ آهيان اسرار، عالم ليکي آدمي،
عرشئون اچي اتهين، عشق ڪيس اظهار،
پانهپ پولي ناهہ ڪا، نور آهيان نروار،
بيدل بندو ناهہ تون، آڻ اهو اعتبار.

بيدل سائين پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي اصل وطن ۽ 'قالُو بلٰيٰ' واري قول جي بار بار ياد ڏياري ٿو: فرمائي ٿو:

ديس ڇڏي پرديس تون آئين، وطن تون ڪيم وسار
توکئون عهد وٺائون ڪهڙا، پنهنجا تون وعده پار
سرتيون روز سنيارن توکي، پلپل ڪرن پُوڪار
'ارجعي' جي ڪين ڪڏهن پئي، ڪن تنهنجي ڪُوڪار؟
بيدل اڏري وَڃُ اوڏاهين، گوندر ڪين گذار.

اها ساڳي ڳالهہ وري هن انداز ۾ پيش ڪري ٿو:

رات مون ڏي، مارن جو، نئون نياپو آيو،
ڏکيو ڏوراپو آيو.

Scanned by CamScanner

جسمانيءَ ۾ ڪوڙ ۾ رکيئي رهڻ جو راز،
ڏکيو ڏوراپو آيو.
وَرُ ساڙيهہ ڏي سگهڙو ٻما ڻ اٿي، سنبر، ڪر سعيو.
ٻي ڪافي ۾ فرمائي ٿو:

نئون نپاپو آيو، مون ڏي مارئڙن جو
ڪوڙ عمر جو ڪيهي سببئون
تنهنجي ساهہ سيبايو.

بيدل سائين زندگيءَ جو مقصد سڃاڻڻ، منزل مقصود ماڻڻ ۽ حياتيءَ جي هڪ هڪ گهڙيءَ جو قدر ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ "هيءَ حياتي هڪ خزانو آهي. ان جو هڪ هڪ پل قيمتي موتين مثال آهي. تون وڏو شاهُوڪار آهين. اهي موتي ائين اجايو وڃائي نہ ڇڏ."

اها حياتي اٿئي خزانو، دَمُ دَمُ تنهنجو دُريگانو،
باوَرُ ڪر تون ٿي مردانو، وحدت جو ڪر يار واپار.

اي انسان تون وحدت جو وڻجارو ٿي، اهوئي واپار ڪندو رهہ، تہ تنهن جو هن جڳ ۾ جيئڻ سجايو ٿئي:

بيدل ٿيوين، جانڪي جيوين، وحدت جو وڻجارو.

◉

بيدل ڇڏ نہ هٿئون تون هرگز، وحدت جو واپار.
سالڪ اٿي هيءُ خيال سجايو.

هو هڪ حسن پرست ۽ عاشق مزاج انسان هو. هن قاضي پير محمد، ڪرمچند ۽ غلام محمد سان نينهن جو ناتو نڀايو، مجاز واريءَ واٽ تي هلي حقيقت وارو مقام ماڻيو.

حضرت عشق سندس رهنمائي ڪئي، تنهن ڪري عشق جي عنايت تي الله تعاليٰ جا شڪرانا مڃي ٿو. عشق جي ئي چوڻ تي فقہ وارا ڪتاب ڇڏي، رندي رمز پروڙي، منصوري مئي پي مستي حاصل ڪيائين: جيئن سچل سائين فرمايو آهي تہ:

مست رهي مئخاني اندر منگ وٺي سي مستي.

بيدل فرمائي ٿو:

جيڪي پيئندا مئي منصوري، محب ٿيندا مستانا.
ڪن مطالع محويت ڪي، فقہ ڇڏيون فرزانا.

Scanned by CamScanner

رندي رمز پروڙن جيڪي، مرد پحن ميخانا.
عشق عطا ڪيائون توکي، بيدل ڪر شڪرانا.

سچل سائين فرمايو آهي:

عشق لڳئي تہ ڪر آمين، نا منجهہ ڪفر نا منجهہ دين.

بيدل عشق جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو تہ عشق امام، محمد ۽ مهدي آهي ۽ دوئي دجال آهي. جيڪي دل ۾ دوئي رکن ٿا سي حقيقت ۾ دجال آهن. فرمائي ٿو:

عشق امام محمد مهدي، دوئي اٿئي دجال.

جيڪڏهن دل ۾ دجال جو ديرو هوندو تہ اتي عشق ڪونہ ايندو. تنهن ڪري جيستائين دوئي واري دجال جو خاتمو نہ ڪبو، تيستائين عشق عطا ٿي نہ سگهندو.

بيدل سائين موسيقيءَ جو ماهر هو. سندس سنڌي سرائڪي ڪلام موسيقيءَ جي اصولن موجب چيل آهي. سندن ڪي ڪافيون اتفاق سان عروضي بحرن سان ٺهڪي اچن ٿيون. پر اسان انهن ڪافين کي غزل ڪونہ سڏينداسون. جيئن اسان جي ڪن اديبن سچل سرمست جون ان قسم جون بہ چار ڪافيون ڏسي پنهنجي ان ڄاڻائيءَ سبب انهن کي غزل ڄاڻايو آهي ۽ سچل سرمست کي سنڌي غزل جي شاعرن ۾ شمار ڪيو آهي.

صوفي شاعرن جي ڪافين جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندن ڪلام ۾ ڪجهہ ڪافيون اهڙيون نظر اچن ٿيون، جيڪي عروضي بحر وزن ۾ چيل معلوم ٿين ٿيون. پر انهن کي غزل سڏي نٿو سگهجي. بيدل سائين جي ڪلام ۾ پڻ اهڙيون ڪجهہ ڪافيون نظر اچن ٿيون، جيڪي عروضي بحر وزن ۾ پوريون آهن. پر انهن کي فقط ان ڳالهہ جي ڪري غزل سڏڻ صحيح نہ ٿيندو ۽ نہ ئي ان آڌار تي اسان بيدل سائين کي سنڌي غزل جو شاعر سڏينداسون. هتي ان قسم جي ڪافين جا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

معنيٰ وجودي ڪر سهي، آهين سدا موجود تون،
ڪنهن جي عبادت ٿو ڪرين. ساڳيو آهين معبود تون.
ڪري سينگار صورت جو، اچي سي ۾ سمايا سي،
صفت ۾ پانهنجي رائي، سوين نالا سڏيا سي.
لاشڪ آه عاشقن کي، دل جو ڪتاب ڪافي،
جنهن ۾ اصول اصلي، لاريب لا خلافي.

Scanned by CamScanner

سرائڪي شاعري

بيدل، سائين جي سرائڪي شاعري سنڌي شاعريءَ وانگر نهايت خوبصورت ۽ پياري آهي. ان ۾ پڻ تصوف جا نُڪتا سمجھايا ويا آهن. هير جي مضمون کي نمايان حيثيت حاصل آهي. بيدل سائين نه فقط سرائڪي زبان ۾ هير چئي آهي، پر فارسي ۾ پڻ هن اهو ڏگهو قصو مختصر طور منظوم ڪيو آهي:

هڪ سرائڪي ڪافي ۾ قافيي جي تڪرار سان نهايت ئي خوبصورتي پيدا ڪئي اٿائين. فرمائي ٿو:

مين نه بيراڳڻ ٿيان، ٿيان، ٿيان، ٿيان، ٿيان،
خويش قبيلا ڇوڙ ڪراهڻ، پيش رانجهو دي پيان پيان پيان،
بيوس لڳڙا عشق اسان ڏاه، نال سيلاني سيان سيان سيان.

هڪ ٻيو مثال ملاحظه فرمايو:

نت نهاريان مين راهان، راهان راهان راهان، وي
پار درياهان رانجهڻ سُڏدا، عشق ساڏي ديان آهان آهان،
درد ماهي دي دلڙي نيتي، وسر ڳيان سڀ واهان واهان.

هُو پنهنجي هڪ سرائڪي ڪافي ۾ طالب کي هوڏ هستي مٽائڻ ۽ وجود وڃائڻ جي هدايت ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪنهن کي اهو مقام حاصل ٿي وڃي ته ان جو مانُ ۽ مرتبو بلند ٿي وڃي ٿو. حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي فرمايو آهي:

نابُودي نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو.

پوءِ اهڙي انسان کي پڙهڻ پڙهائڻ جي ڪا ضرورت نه ٿي رهي. ڇاڪاڻ ته طالب دنياوي علم جي ذريعي اهو مقام حاصل ڪري نه ٿو سگهي. جيڪو اکرن ۾ اڙجي ويو، سو عشق جون اوکيون چاڙهيون چڙهي نه سگهندو. فرمائي ٿو:

سکُ رمز وجود وڃاوڻ دي، نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي
اکران دي وچ جوئي اڙيا، عشق دي چاڙهي مول نه چڙهيا
اثباتي دا علم جو پڙهيا، موج انهيءَ سِر ساوڻ دي
نال دليل نه ليسئي دلبر، عقل نه اوڏهن ٿيسئي رهبر
سمجهي مام ڪو صوفي بي سر، شاهي طبل وڃاوڻ دي

مٿين ڪافي نه فقط سنڌ سونهاري ۾، پر ملتان تائين مشهور آهي.

بيدل سائين جو والد سڳورو ميان محمد محسن هڪ صوفي درويش هو ۽ جان الله شاه

Scanned by CamScanner

رضوي جو خليفو هو. سندن وڏي ميجتا ۽ عزت هئي. سندن فرزند بيدل فقير وڏو عالم ۽ بزرگ هو. پر جڏهن عشق سندس دل ۾ گهر ڪيو ته پوءِ ڪيس پيري بزرگيءَ جي پرواهه نه رهي: شاهه لطيف فرمايو آهي:

عقل، مت، شرم، ٿيئي نينهن نهوڙيا.

بيدل بي اختيار چئي ڏنو ته:

بدنامي دي پڳ تي ٺهندا، ڦٽ لعنت دا ڦل پيلا
بره بزرگي ساري نيتي، تنهن ڪون آکيم ڇل پيلا
شڪرانا جو لٽا اسان ٽُون، شيخي ڍاهُل ڇلا پيلا. *

صوفي جي صفت بيان ڪندي ٻڌائي ٿو ته شيعو، سُني ٿيڻ ته سؤلو آهي، پر صوفي ٿيڻ سؤلو ناهي. ڇاڪاڻ ته صُوفي لاڪُوفي هوندو آهي ۽ هُو پنهنجو سر قربان ڪرڻ ۾ دير نه ٿو ڪري: فرمائي ٿو:

شيعا سني ٿيوڻ سوکا، صوفي ڪون سڏاويگا.

شاهه شهيد سان عقيدت ۽ محبت

فقير قادر بخش بيدل انسانيت جو شاعر هو ۽ تاريخ جو ڄاڻو هو. شاهه شهيد سان کين وڏي عقيدت ۽ محبت هئي. اهو سلسلو ڪرسي نامن ۽ قصيدي ۾ بيان ڪيو اٿائون.

فقير قادر بخش بيدل پهريون سنڌي عالم آهي، جنهن شاهه شهيد جي طريقت وارو سلسلو قلمبند ڪيو. هن هيٺ اهي ٻئي "ڪُرسي ناما" ڏنا وڃن ٿا ته جيئن پڙهندڙن کي بيدل سائين جي شاهه شهيد سان محبت ۽ تاريخي ڄاڻ جو اندازو ٿي سگهي.

يا رب بحرمتِ شه كونين مصطفىٰ   يا رب بحرمتِ شه مردان مرتضىٰ
يا رب بحرمتِ شه شهداء كربلا   يا رب بحقِ زين عبا صاحبِ علا
با حرمتِ محمد باقر امام دين   با حقِ جعفر و شه كاظم على رضا
با حق شيخ كرخى معروف پاک دل   با حق شيخ سرى سقطى شه هدا
با حرمتِ جنيد كه بغداد جاى اوست   با حق شيخ شبلى بوبكر مقتدا

---

* هڪ پيري ڪافين بابت ڳاله ٻوله ڪندي منهنجي والد صاحب مرحوم تاج محمد ٻڌايو هو ته اها ڪافي سنه ١٩٣٠ع ڌاري جهر جهنگ مشهور هئي.
مامي علي مراد جي اوطاق تي (ڳوٺ ڇيمن تعلقو ڪنڊ ڪوٽ) آيو فقير ڏاڍي سوز سان ڳائيندو هو.

با حق شیخ عبدالواحد شه یمن　　کو چون سهیل تافته بر چرخ کریا
با حق رهبر دین عبدالله اکملی　　کش بود بتکیه گاه بطرطوس منجلا
با حق علی محمد یوسف که قریشی است　　با حق ابی سعید که پیر است رهنما
با حرمت علو مرتب جنابِ غوث　　با حق قطب عبدالرزاق مهتدا
با حق شاه سیدابی نصر محی الدین　　با حرمتِ محمد سید بصد غنا
با حرمت آنکه سید موسیٰ است نام او　　با حرمت، امیر حسن شاه مجتبیٰ
با حق سید احمد جلی وشافعی　　با حق بهاؤ الدین شه ارض و سما
با حق شیخ شاهی ملتان مسکنش　　با حق شاه عبدالملک اعظم اولیا
با حق عنایت الله صوفی شهید حق　　با حق شاه جان محمد شهِ اصفیا
با حق شیخ پاک غلام رسول نام　　با حرمت غلام محمد شهِ صفا
با حق شاه عبدالوهاب قادری　　ما راز جمله حلته بگوشان شان نما

طریق ثاني

احمد علی و حسن وشه زین عابدین　　باقر و امام جعفر و کاظم و علی رضا
معروف کرخ وسری سقطی و جنید شیخ　　بوبکر شبلی و عبدالواحد شهِ صفا
عبدالله و محمد یوسف و ابو سعید　　غوثِ کریم و عبدالرزاق مهتدا
بونصر وهم محمد موسیٰ وشه حسن　　احمد بهاؤالدین شه ارض و سما
زان بعد شیخ شاهی عبدالملک بود　　زان پس عنایت الله هادی سوی خدا
جان محمد ست و غلام رسول پس　　مقتولِ حق غلام محمد بصد علا
زان بعد کرد عبدالوهاب قادری
ارشاد طالبان بسوی مقصد بقا

با حرمتِ وحید شهید فرنگِ عشق　　و حضرتِ عنایت الله سلطان اصفیا
با حق فضل شیخ ابراهیم با کمال　　کو خورد باده و جد زمیخانهٔ صفا
با حرمتِ آن شه که سلام الله اسم اوست　　با حق عزت الله هادی و مهتدا
با حرمت محمد زاهد کمالِ فیض　　با حق رتبهٔ شه فضل الله پیشوا
با حرمت محمد صدیق و اصلی　　با حق با یزید گل باغِ کبریا

١ـ بیاض فقیر محمد محسن بیکس، مملوک سید عبدالحسین شاه موسوي.
٢ـ طریق ثاني ۾ شاه شهید جي طریقت جي سلسلي بیان ڪرڻ کان پوءِ شاه شهید جي اولاد جو ذڪر ڪیو ویو آهي.

هڪ قصيدي ۾ شاه شهيد جي صفت ۽ ساراه بيان ڪرڻ کان پوءِ سندن سير سفر جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي. وٽن عقيدت مندن جو ميڙو ڏسي مُلن جو حسد ڪرڻ ۽ سندن ولايت جو واسُ پري پري تائين پکڙجي وڃڻ، تنهن ڪري بي شمار عقيدتمندن جو وٽن حاضر ٿيڻ، انهن سڀني ڳالهين سبب دشمن سندن خلاف سازش سٽي، فرخ سير کي پڙڪايو. شاه شهيد پنهنجن خليفن کي فرمايو ته: "هي محبوب حقيقي جو ناز آهي."

هن هيٺ انهيءَ قصيدي جو سنڌي ترجمو اختصار سان ڏنو وڃي ٿو.

هُو (شاه عنايت)اهڙو شاهنشاه آهي، جنهن جو عرش تي آستانو آهي. هُو عشق جو هماءَ (ڀاڳ ۽ بخت) آهي ۽ سندس رهائش ملائڪن واري هنڌ آهي. هُو مسجم نور آهي. جڏهن کان هن ناسوتي ملڪ ۾ آيو ته لامڪان جي ڳولا شروع ڪيائين. ملتان وڃي اتي سال کن رهيو ۽ اتان جي بزرگن سان روح رچنديون رهاڻيون ڪيائين. پوءِ سندن ارشاد موجب دکن ويو ۽ بعد ۾ برهان پور ويو. اتي شاه عبدالملڪ سان ملاقات ڪيائين اتان کين ڳجها راز معلوم ٿيا ۽ ولايت جي وڏي درجي تي پهتا. موڪلائڻ مهل مرشد کين هڪ ترار ڏني ۽ چيائينس ته، "هيءَ آزمائش مهل توکي ڪم ايندي ۽ وڏي درجي تي پهچائيندي. ايڏو وڏو درجو جنهن تي عارف ريس ڪندا. مصيبت صبر سان سهي وڃجانءِ."

شاه، دکن کان دهلي آيو، جتي ڪيترائي سيّد سندن مريد ٿيا ۽ کانئن فيض حاصل ڪيائون. پوءِ خراسان ويو ۽ اتان کان پنهنجي وطن وريو. هزارين سندن مريد ٿيا. اهو ڏسي مُلن کي مُنيان لڳي ۽ سندن دشمن ٿي پيا. ماڻهن جي وٽن گهڻي اچ وڃ ڏسي کن کين جادوگر سڏيو. جيئن پيغمبرن کي مخالف اهو لقب ڏيندا هئا. ان وقت سنڌ جو حاڪم عباسي (ڪلهوڙو) هو. جنهن کي گهڻي ڪاوڙ آئي ۽ هن دهلي دانهن ڏني ۽ فرخ سيّر کي سندن خلاف پڙڪايو. هن دهلي جي حاڪم کي هڏايو ته شاه عنايت فقيرن جي فوج گڏ ڪري رهيو آهي ۽ هڪ ڏينهن ملڪ تي قبضو ڪري وٺندو. پوءِ فرخ سير فسادين جي چگي مڙس ڪلهوڙن کي هڪ وڏو لشڪر ڏنو ته جيئن هُو شاه ۽ سندن مريدن جو خاتمو ڪري ڇڏي.

نيٺ شاه عنايت ۽ سندن مريدن خادمن تي حملو ڪيو ويو. هڪ شمر جهڙي شخص شاه عنايت تي ٻه ٽي وار ڪيا، پر انهن جو ڪو خاص اثر نه ٿيو. پوءِ شاه عنايت قاتل کي پنهنجي ترار ڏني چيو ته، "اچي هيءَ ترار وٺ." انهي ترار سان کين شهيد ڪيو ويو. سندن سر مبارڪ ٺٽي آندو ويو. بعد ۾ دهلي نيو ويو. جڏهن جاهل فرخ سيّر شاه جو سر ڏٺو ته ڏاڍو خوش ٿيو. ان کان پوءِ سر مبارڪ نيزي تي رکيو ويو. اهو منظر ڇڻ

Scanned by CamScanner

'اسريٰ بعبده' جو هُوبهو تفسير هو. ان کان پوءِ سندن سر مبارڪ عزت ۽ ڪرامت سان سنڌ پهتو. جڏهن سندن سر ميران پور پهتو ته پنهنجي ڏڙ سان ملي هڪ ٿي ويو. فقيرن ۾ ماتم مچي ويو. ڪين ميران پور جنت واري جُوءِ ۾ دفن ڪيو ويو.

شاه لطيف سان عقيدت:

بيدل جي حضرت شاه عبداللطيف ڀِٽائي سان عقيدت هئي. هن شاه سائين جي ڪلام جو گهرو مطالعو ڪيو هو. ان جو ثبوت سندن ڪتاب 'پنج گنج' مان ملي ٿو. ان کان علاوه سندن بيتن ۽ ڪافين ۾ ڪن هنڌن تي شاه جي شاعريءَ جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. شاه سائين فرمايو آهي:

مري جيءَ ته مائٽين، جانب جو جمال،
ٿئين هوند حلال، جي پند اهائي پارئين.

بيدل سائين ساڳيو خيال هن ريت بيان ڪيو آهي:

مرڻئون اڳي جي مرين ته باقي رهي ذات،
هميشه حيات، مرد نه مرن ڪڏهين.

هُو 'لطيفي لات' جو عاشق آهي. ان جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو:

سڻايائون سنگ کي لطيفي ڪي لات،
سڻي سي پاسي ٿيا، پاڻ ڪنان پريات،
مرڪيو مقالات، پورا ڪن پورب ڏي.

ڪٿي ڪٿي شاه لطيف وانگر ڪي لفظ عام اچار موجب استعمال ڪري ٿو. جيئن شاه سائين 'بغير' لفظ جي جاءِ تي عام اچار 'بِگر' آندو آهي:

ڪونهي ڪميڻيءَ جو 'بِگر' تو بلو.

تهڙيءَ ريت بيدل ڪن هنڌن تي عام اچار موجب لفظ استعمال ڪيا آهن: مثال لاءِ هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

مڙوئي محبوب آ، تِر جو نانهن تفات،
ڪلّ شيءِ هُو الله، صاحب ياتون يات،
اچي ٿيو اثبات، جاڏي ڪاڏي سپرين.

ان کان علاوه پنهنجن ٻين ڪتابن "تقويت القلوب في تذڪرة المحبوب" ۽ "سند الموحدين" ۾ ڪنهن ڳالھ کي مستند بڻائڻ لاءِ قرآن مجيد جون آيتون، حديثون، مولانا رومر، ۽ جامي، حافظ سعدي ۽ ٻين سنڌي ۽ فارسي زبان جي صوفي شاعرن جي شعرن سان

Scanned by CamScanner

گڏوگڏ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا بيت پڻ ڏنا اٿائين. ان مان شاهه لطيف جي ڪلام جي اهميت ۽ بيدل سائين جي شاهه صاحب سان عقيدت جو اظهار نمايان نظر اچي ٿو.

سچل سرمست سان عقيدت

فقير قادر بخش بيدل جي حضرت سچل سرمست سان ملاقات ٿي يا نه ٿي: اهي ڳالهيون قياس جي آڌار تي چئي سگهجن ٿيون. باقي هيءَ هڪ حقيقت آهي ته بيدل سائين کي سچل سرمست سان عقيدت هئي. ان ڳالهه جو چٽو ثبوت بيدل سائين جي اها ڪافي آهي، جيڪا هن سچل سرمست جي وصال تي چئي هئي جنهن جو آخري شعر آهي:

قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منمبدار هو،
در تنهين دانا جي بيدل پرت جو پينار هو.

ان کان علاوه سچل سائين جي وفات تي جيڪو تاريخي قطعو چيائين، ان مان پڻ سندس عقيدت جو اظهار ٿئي ٿو. بيدل سچل سائين جي ڪلام کان گهڻو متاثر آهي. اهائي رندي ۽ بيباڪي سندن ڪلام ۾ نظر اچي ٿي. ان کان علاوه ڪن ڪافين ۾ ساڳيو سچل وارو مضمون آندو اٿائين. جنهن جا مثال موسوي مرحوم پنهنجي مقدمي جي ص-٥٩ ۽ ص-٦٠ تي ڏنا آهن. ڪين سچل ۽ سندن ديس درازا سان دلي لڳاءُ هو. ڪنهن نه ڪنهن طرح کين ياد ڪندو رهيو. هڪ ڪافيءَ ۾ فرمائي ٿو:

ڪڏهن منجهه قصور ٿي ظاهر، سوزئون سيس ڪٽايان
ڪڏهن وچ درازن ويهي، دردئون دود دکايان

سچل سائين جي هڪ ڪافيءَ جو ٿلهه آهي:

حق انا الحق ٿي چيو، پر منجهه نظر منصور هو،
منجهه شريعت شرڪ چون، منجهه معرفت منظور هو.

بيدل سائين کي اهو شعر اهڙو ته وڻي ويو جو ان جو فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيائين. فرمائي ٿو:

حق انا الحق گفت ليکن در نظر منصور بود،
در شريعت شرک دانند، معرفت منظور بود.

پنهنجي ڪتاب "سند الموحدين" ۾ سچل سائين جو ڪلام سند طور ڏنو اٿائين. ان کان علاوه ٻين درازي درويشن پير عبدالحق ۽ قبول محمد کي پڻ ياد ڪيو اٿائين.

Scanned by CamScanner

فارسي شاعري

فقير قادر بخش بيدل نہ فقط سنڌي، سرائڪي اردو زبانن جو اعليٰ شاعر آهي، پر هن عربي ۽ پڻ شعر چيو آهي. سنڌي سرائڪي کان سواءِ فارسي زبان ۾ سندن ڪلام وڏي اهميت رکي ٿو. افسوس جو بنده راقم کي سندن سمورو فارسي ڪلام هٿ اچي نہ سگهيو، تنهن ڪري ان جو ڀرپور جائزو پيش ڪرڻ ممڪن نہ آهي. منهنجي آڏو "ديوان مصباح الطريقة" "مثنوي نهر البحر" ۽ "ديوان سلوڪ الطالبين" آهن.

"ديوان مصباح الطريقة" جو نسخو قاضي غلام مهدي ولد قاضي پير محمد جو لکيل آهي ۽ ڪتابت جو سن آهي، ١٣١٠هہ مطابق١٨٩٣ع جيڪو هن منشي سلامت راءِ جي مطالعي لاءِ لکيو. ديوان جو پهريون غزل حمديہ آهي. ان جي مطلع ۾ حق تعاليٰ کي التجا ڪري ٿو تہ سندس روح کي مطلع انوار وحدت بڻائي، ڪثرت جي ظلمتن کان نجات ڏياريو. فرمائي ٿو:

الٰهي مطلع انوار وحدت ساز جانم را
زظلمتهاي ڪثرت رستگاري ده روانم را

ساڳئي غزل جي مقطع ۾ دعا گهري ٿو تہ "اي منهنجا موليٰ هن غمگين بيدل کي عشق عطا ڪر تہ جيئن دنيا جي جهڳڙن کان جند آزاد ٿي وڃي."

عطاي وجد وحالت کن بہ بيدل خاطر افسرده،
کہ تا عشقت کند محوِ هويت اين و آنم را.

هڪ نعتيہ غزل جي مطلع ۾ حضور پُر نور حضرت محمد مصطفيٰ صہ جن سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو:

اي مراکحلِ بصارت خاکِ ايوانِ شما،
از ازل جان ودلم مرهونِ احسانِ شما.

ساڳئي غزل جي هڪ ٻئي شعر ۾ فرمائين ٿا تہ: اي الله جا حبيب جيستائين قضا جي هٿون منهنجو گريبان چاڪ نہ ٿو ٿئي، تيستائين توهان جو دامن هٿان نہ ڇڏيندس.

تاگريبانم نہ گردد چاک ازدستِ قضا،
کي کشم دست اي حبيب الله زدامانِ شما.

بيدل هڪ سچو صوفي هو ۽ وجداني ڪيفيت لاءِ راڳ ويراڳ لازمي آهي. بغير ساز سرود جي محفل ۾ ڪهڙو مزو ايندو.

بيا مطرب نواي زن بہ حالت آرمستان را،

Scanned by CamScanner

توهم ساقي، جدا از جام مي مگذار مستان را.
بغير از غلغلِ چنگ وني ودف، قلقلِ مينا،
نہ باشد رونقِ بزمِ طرب زينهار مستان را.

سندس هيٺين شعر سندس عشق الاهي جو مظهر آهي، فرمائي ٿو:

محوِ مطلق راکجا لرزد زملک الموت دل،
کاربا حلاّج نبود پنبۂ محلوج را.

بيدل هڪ سچو عاشق هو ۽ وحدت واري مئخاني مان پُر پيالا پيء، رندي رازن کان واقف ٿيو. اهوئي سبب آهي جو دعويٰ ڪندي فرمائي ٿو:

سرمست بيخودانہ عاشق منم منم،
سرخوش زجام وحدت مطلق منم منم.
گشتم زجام حالت منصور باده نوش،
واقف رموز خفيہ انا الحق منم منم.

منصوري مام جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ: آءٌ انا الحق ڪو نہ ٿو چوان، پر اهو نعرو تہ اُهو محبوب پاڻ هڻي ٿو، شمس تبريز تہ "قم باذني" ڪو نہ چيو هو، اهو تہ مٺي محبوب پاڻ چيو هو. پنهي جهانن جي سردار مدني منٺار فرمايو آهي تہ: انا احمد بلا ميم اهي راز ۽ رمزون سڀ ڪو سمجهي نہ ٿو سگهي. ان لاءِ جيستائين پنهنجي هستي کي فنا ڪري نيستيءَ ۾ نہ اچبو، تيستائين اهي راز سمجهي نہ سگهبا. شاه لطيف فرمايو آهي:

نامُرادي نجهرو، عدم اوتارون

هنيئر بيدل جي غزل جا ڪجھ شعر ملاحظہ فرمايو.

من "انا الحق" نمي زنم اي يار   بلک طاهر شدازلبِ دلدار.
يار منصور رابهانہ بساخت   ورنہ خود سفتہ گوهرِ اسرار.
"قُم باذني" کلام شمس نبود   شد زمعشوق اين سخن اظهار.
گفت "انا احمدُ بلاميم"   خواجہ لولاڪ سيدالابرار.
بنده نيستي ببين خودرا   فرش بگذار پا بعرش بدار.

مثنوي نهرالبحر

هيءَ مثنوي مولانا روم واري مثنوي جي تتبع تي چيل آهي. مثنوي جي شروعات هيٺين شعر سان ٿئي ٿي:

بشنوازني نغمۂ سرِّ الست،
تا چہ مي گويد ازان عهدِ درست.

اڳتي هلي مثنوي جي تعريف ڪندي لکيو اٿن:

نهر بحراست !ين بيانِ معنوي،
بحرِ موّاج است اصلش مثنوي.
مثنويءِ معنوي بحرِ رشد،
فکر من زان بحر نهري مي ڪشد.
مثنوي شد مخزن اسرارها،
مثنوي شد مطلع انوارها.
مثنوي معراجِ روحِ اولياست،
مثنوي اسرارِ ذاتِ ڪبرياست.
مثنوي علم اليقين راماية است،
در معارج قدس عالي پاية است.
مثنوي آئينهءِ عين اليقين ست،
مثنوي گنجينهٔ حق اليقين ست.
مصرعِ اَومطلعِ ديوان هوست،
دفترِ او ڪنز رمزِ وحده ست.

هيءَ مثنوي مولانا روم جي مثنويءَ جي مختصر شرح آهي. ايران جي شاعرن مثنوي معنوي جون شرحون گهڻو ڪري نثر ۾ لکيون آهن، پر سنڌ جي هن عالم ۽ صوفي شاعر مثنوي جو ايترو گهرو مطالعو ڪيو هو، جو هن ان جو روح، معنيٰ ۽ مفهوم مختصر نموني منظوم ڪيو. هن مثنوي ۾ ڪٿي ڪٿي عربي زبان ۾ شعر ڏنل آهن جن مان سندن عربي داني جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هن مثنوي ۾ قرآن پاڪ جي ڪن آيتن جو منظوم تفسير آهي؛ جيڪو صوفيائي رنگ ۾ نظر ايندو. پنهنجي ڳالهه کي وزندار بڻائڻ لاءِ حديثون، بزرگن جا قول ۽ فارسي شعر ڏنا اٿائين. ڪٿي وري مناجات ۾ دعائون گهري ٿو. نموني خاطر هڪ مناجات جاڪجهه شعر پيش ڪجن ٿا:

قادرا جانِ جهاني جانِ جان،
سرّ خفيه جان بکن برمن عيان.
جان جاني جلوه ده جا نرا بمن؛
بردلم مکشوف ڪن سرّ لدن.

Scanned by CamScanner

ده مرا آگاهي از اسرارِ روح،
افتتح باباً علينا يا فتوح.

هڪ هنڌ سلطان العارفين حضرت بايزيد بسطامي جي هڪ نصيحت بيان ڪندي فرمائين ٿا ته جيئن نانگ پنهنجي کل لٿي ڪري، ان کان ڌار ٿي وڃي ٿو، تيئن سالڪ پنهنجي وجود کان جدا ٿي وڃي ٿو.

بـا يـزيـد از سرّاسرارِ عجب ڪـرد آگاهت شنواي بوالعرب،
کزتن خود رامان چنان رفتم بدر ڪـ زجلدِ خويش مارِ حيلہ گر.
پـس يقـين گـشتہ مراسرد عـلن ڪـ منم ذاتِ خدا بي ماومن.
جهد کن اي طالبِ عين اليقين تابراي از شکوکِ آن واين.
چون شک ازتو رفت اي سالک طريق باش در بحرِ يقين بي شک غريق.

هن مثنوي ۾ ڪيترين ئي دلچسپ ۽ سبق آموز حڪايتون ڏنيون ويون آهن جيڪي وڏي معني رکن ٿيون. هيءَ مثنوي ظاهر ۾ ته مختصر آهي پر حقيقت ۾ اها معنيٰ جو مهراڻ آهي. اهو بيدل سائين جو ڪمال آهي جو درياهه ڪوزي ۾ بند ڪيو اٿائين. مثني نموني خاطر سندن هڪ ننڍڙي حڪايت ڏني وڃي ٿي. اها ڳالهه ڪجهه هن ريت آهي ته هڪ پيري حضرت ابراهيم خليل الله جي امڙ سڳوري پنهنجي پٽڙي کي غار مان ڪڍي نمرود جي دربار ۾ وٺي آئي. چيائيس ته: پُٽ هي خدا آهي. حضرت ابراهيم ڏٺو ته نمرود نهايت بدصورت هو. پر سندس نوڪر چاڪر تمام سهڻا هئا. پنهنجي ماءُ کي چيائين ته! ”اي امڙ هي ڇا آهي“؟ هيءَ پاڻ ته بدڪان بدصورت آهي، پر سندس پانها خوبصورت آهن! هيءَ خدا ٿي نه ٿو سگهي، جنهن کان سندس پانها وڌيڪ خوبصورت هجن. هن مثنوي ۾ ڪل ۱۱ شعر آهن، انهن مان ڪجهه نموني طور پيش ڪجن ٿا:

چونِ خليلي را ز غار آن مادرش کرد بيرون شد بکافر رهبرش.
سوي نمرودش ببرد آن پيرِ زال گفت کين ربّ است باعزو جلال.
ديد ابراهيم اورا زشت رو پيش او خدّام چون گل حسن بُو.
آن غلامان هريکي چون مهروماه مالک آنها بدترين صورت سياه.
گفت اي مادر عجب تر حکمت است کين خدائي تان کہ اقبح صورت است.
بندگانِ خويش را نيکو ترين ازتنِ خود آفريد اين کہ ببين!
اين خدا بنود کزودر صورتي بندهِ اومي برد صد سبقتي.

Scanned by CamScanner

شکلِ معبود است چون دیگِ سیاه
روي بنده روشني ده مهروماه.
زين چنين معبود زوتر در گريز
تانباشي روسيه در رستخيز.

ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ لکي ٿو:

مانده بود اين نظم سابق ناتمام،
گشته ساعي آن رفيقِ ذوالکرام.
نهر ميلِ خاطرِ والاي او،
شدتمامي نظم با جهدِ نکو.
نوزده رجب بسالِ خوش تبار،
يک هزارو دو صدو شصت وچهار.
نهر بحرش نام کردم اي فلان،
بحرِ معني مثنوي وين نهر آن.

تمت هذه النسخة المسماة بنهرالبحر تحرير تاريخ دهم ربيع الاول ١٣١١ھ مطابق ١٨٩٣ع براي تفريح طبع محبت افزائي منشي سلامت راءِ زاده الله شوقه از يد خام الفقراءَ قاضي غلام مهدي ماستر رهڙڪي اتمام و صورت ارقام پذيرفت.

ديوان سلوڪ الطالبين

هن ديوان ۾ ٩٠ غزل آهن. هيءُ مڪمل ديوان، صنعت لزوم مالايلزم تي ٻڌل آهي. مثلا رديف الف آهي ته ان رديف واري غزل جي هر شعر جي شروعات الف سان ٿيندي. هن صنعت تي ٻئي ڪنهن شاعر جو مڪمل فارسي ديوان راقم جي نظر مان ڪونه گذريو آهي. فقط سنڌي زبان ۾ هڪ ديوان موجود آهي، جيڪو فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو لکيل آهي. تارڪ فقير بيدل جي ديوان ”سلوڪ الطالبين“ کان متاثر ٿي ”جلوس

Scanned by CamScanner

التارڪين“ نالي ديوان تيار ڪيو. ان ديوان مان ”ي“ رديف وارو هڪ شعر نموني طور پيش ڪجي ٿو.

يثرب ۾ بطحا گھمڻ کان پو رکڻ دل ۾ ريا،
پارسا هجيءَ پارسائي تو کان ٿي، مون کان نہ ٿي.

بيدل جي هن ديوان ۾ عشق و محبت سان گڏوگڏ سلوڪ ۽ تصوف جي تعليم پڻ ڏني وئي آهي. محبوب جي ڳلن ۽ وارن جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو:

تلالؤ جلوه ذاتي ست رخسار پر انوارت،
سوادِ ليلة القدر ست گيسوي عطربارت.

هڪ ٻئي شعر ۾ فرمائي ٿو:

آفتاب وسايہ را باهم نہ بيند هيچکس،
شب بروز آميخت زلف و عارض جانانِ ما.

هڪ غزل ۾ بهار جي آمد جو ذڪر ڪندي تمام خوبصورت نظارو چٽيو اٿس. حسن جي ڳالھ آهي تہ حسين نظارن جو بہ ذڪر آهي، تہ ان سان گڏوگڏ تصوف جي تعليم بہ آهي. انهيءَ ”ن“ رديف واري غزل مان ڪجھ شعر پيش ڪجن ٿا.

نو بهار آمدهمي خندد چمن،
از رخِ شادي گل و سرو وسمن.
نزهتِ چندان گرفت ازوي جهان،
مي نگنجد يوسف اندر پيرهن.
نکهتِ عنبر فشان بادِ سحر،
نافها آورد ازمشکِ ختن.
نقش لعلِ گلرخان شيرين مقال،
ميکند مستغني ازلعلِ يمن.
نافہ سا زلفِ معنبر مهوشان،
عطر ريزي مي کند درانجمن.
نالهاي بلبلانِ بذلہ گو،
مرده را بخشد تحرک درکفن.
نکتہءِ دانش فرامش کن هلا،

Scanned by CamScanner

یادگیر اي طالب اسرارِ لدن.

آخر ۾ سندن هڪ غزل جا ڪجھ شعر پيش ڪجن ٿا، جنهن ۾ انسان کي پنهنجو شرف ۽ شان سڃاڻي پنهنجو اصلي ماڳ ماڻڻ جي هدايت ڪري ٿو:

زمين گذار سوئي آسمان بکن پرواز،
ز آسمان بسوي لامکان بکن پرواز.
زعرش اعظم بالاست آشيانہ تو،
قفس شکن بسوي آشيان بکن پرواز.
زيان ست در قفس جسم مبتلابودن،
ببالِ شوق زقيدِ زيان بکن پرواز.
زدستِ پيرِ مُغان نوش ساغرِ وحدت،
بزور نشہ سوي بي نشان بکن پرواز.
زمان زمان مشواين قيد طبع را محبوس،
بسوي عهدِ ازل هر زمان بکن پرواز.
زبون مباش درين داروگير جسماني،
بسوي مجمع روحانيان بکن پرواز.
زمردين قفس ست اين فلک هلا طالب،
تو بي سر و پاسوي جنان بکن پرواز.

بيدل سائين هڪ سچو عاشق ۽ صوفي درويش هو. ڪين تصوف جي وڏي ڄاڻ هئي. سندن شاعريءَ جو مک مضمون تصوف ئي آهي. ايتريقدر جو جيڪي خطبا ڇپيا اٿن، تن ۾ پڻ تصوف جا ڪي راز ۽ رمزون سمجهايون اٿن. مثلا سندن هڪ خطبي جو عنوان ئي آهي: "خطبہ الجمعة في الوحدت"

ٻيو هڪ خطبو مثنوي متعلق لکيو اٿائين. ان جو عنوان آهي. "خطبة الجمعة من المثنوي"

هڪ خطبي ۾ نعتيہ شعر آڻي ٻنهي جهانن جي سردار جي صفت ۽ ساراه بيان ڪئي اٿائين فرمائين ٿا:

اي طالبان ز وصفِ جمالِ محمدي، حاصل کنيد سر جمالِ محمدي.
رنگي است بوالعجب کہ بہ بيرنگ زه نمود، آئينہ بي مثال مثالِ محمدي،
برهم زنند نقوش خيالات ماسوي، تقويم حسن نقش خيال محمدي،
از خويش دست شستہ رمي غوطہ زنيد. درقلزم حقيقت حال محمدي.

Scanned by CamScanner

باشوق بي حساب تولاي بيشمار، صلوا عليٰ محمدِ وآلِ محمدٍ

بيدل جي فارسي شاعري جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هو سورهين ۽ سترهين صدي عيسوي ۾ هندوستان ۾ موجود ايراني شاعرن غزالي مشهدي (متوفي ۱۵۷۲ع) عرفي شيرازي (متوفي ۱۵۸۸ع) نظيري نيشاپوري (متوفي ۱۶۱۴ع) طالب آملي (متوفي۱۶۲۷ع) قدسي مشهدي (متوفي ۱۶۴۶ع) ۽ ڪليم ڪاشاني (متوفي ۱۶۵۱ع) وغيره جي ڪلام جي شستگي شيرين بياني، ۽ سلاست ۽ رواني کان متاثر آهي. ان کان علاوه احمد جام (متوفي ۵۳۶هه) ۽ ٻين نامور صوفي شاعرن حضرت امير خسرو (متوفي ۱۳۲۴ع) ۽ مرزا عبدالقادر بيدل عظيم آبادي (متوفي ۱۷۲۰ع) جي عارفاڻي ڪلام کان پڻ متاثر نظر اچي ٿو. قديم شاعرن ۾ شيخ سعدي (متوفي ۱۲۹۱ع يا ۱۲۹۴ع) حافظ شيرازي (متوفي ۱۳۸۹ع) مولانا فخرالدين عراقي متوفي ۱۲۸۹ع) ۽ مولانا نورالدين عبدالرحمان جامي (متوفي ۱۴۹۲ع) جهڙن بزرگن جي ڪلام مان فيض حاصل ڪيو آهي.

پنهنجي مهربان ۽ نوجوان دوست سيد عبدالحسين شاه موسوي جا ٿورا جنهن بيدل سائين بابت مواد مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

پياري دوست مينهون خان سوز بلوچ جي مهرباني جنهن گهربل تصويرون ترت موڪلي ڏنيون.

ڊاڪٽر نوازعلي شوق

Scanned by CamScanner

مثنوي دلڪشا

بيشڪ الله تعاليٰ جي پاڪ نالي ۾ برڪت، ميناج، سرور ۽ سڪون آهي، جيڪو خوش نصيب ان پاڪ ذات جي مِٺي نالي جو ورد ڪندو تنهن کي دلي سڪون نصيب ٿيندو. الله تعاليٰ سورة رعد جي 4 رڪوع ۾ فرمايو آهي تہ "الله تعاليٰ جي ذڪر سان دلين کي اطمينان حاصل ٿئي ٿو".

اڄ ڪلھ دنيا جي هر خطي ۾ ماڻهو پريشان آهن. بلڊ پريشر شُگر ۽ دل جا مرض وڌي ويا آهن. اهڙا پريشان حال حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن وٽ وڃي وڏي رقم خرچ ڪن ٿا، پر جيڪو صحيح معنيٰ ۾ حبيب ۽ طبيب آهي، جنهن وٽ هر درد جي دوا ۽ هر مرض لاءِ شفا آهي، ان کي ياد ڪونہ ٿا ڪن. حالانڪ ان پاڪ ذات جو ذڪر هر درد جي دوا ۽ هر مرض لاءِ شفا آهي. حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح پنهنجي پروردگار کي ياد ڪندي دم دم دعائون گهرندو رهيو:

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحب! ڏي شفا، ميان مريضن کي.

تون حبيب، تون طبيب، تون دارون کي دردن،
تون ڏئين، تون لاهين، ڏاتر کي ڏکندن،
تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن امر ڪريو ان کي.

هن ٽن اکرن واري اهم لفظ يعني "ذڪر" تي غور ڪرڻ سان هي معنائون معلوم ٿين ٿيون:

ذَڪَرَ (ن) ذڪراً و تذڪاراً =الله تعاليٰ جي پاڪائي ۽ بزرگي بيان ڪرڻ.

الذڪرُ (مص) = مشهوري. چوندا آهن: لهُ ذِڪرٌ في الناس = هن جي ماڻهن ۾ مشهوري آهي يعني هُو ماڻهن ۾ مشهور آهي، تعريف، شرف نماز ۽ دعا[1]

Scanned by CamScanner

مٿي ڏنل معنائن مان مطلب نڪري ٿو: الله پاڪ کي ياد ڪرڻ. صوفين جي قول موجب ان ياد ۾ ٻيو سڀ ڪجهه وساري ڇڏجي. هر اهو ڪم ڪجي، جنهن جي ذريعي حق پاڪ کي ياد ڪجي. ذڪر جو ڪمال اهو آهي جو ذاڪر ۽ مذڪور جي وچ مان حجاب ختم ٿي وڃي. ذڪر جا ڪيترائي قسم آهن، جن مان ڪي هي آهن.

لِساني: زبان سان ذڪر ڪرڻ.
قلبي: دل سان ذڪر ڪرڻ.
لاهوتي: اهڙو ذڪر جنهن جي ذريعي سالڪ جي دل ۾ نور جو چمڪاٽ ٿئي.
ملڪوتي: ان جو مطلب آهي اليٰ الله جو ذڪر ڪرڻ.
جبروتي: هن جو مطلب آهي هُو، هُو وارو ذڪر ڪرڻ.
نفسي: اهڙو ذڪر جنهن جي ذريعي عقلي تصور ڪان اصلي مقصد طرف وڃڻ.
اسم ذات: الله پاڪ جو ذڪر.
نفي اثبات: ڪلمي پاڪ لا الاه الا الله جو ذڪر ڪرڻ.
مريضاڻو: مريضن وانگر ڪجهندي ذڪر ڪرڻ. سهروردي طريقي ۾ اهڙي نموني ذڪر ڪيو ويندو آهي.
ڏک ڀريو: نهايت ڏک ڀرئي لهجي ۾ ذڪر ڪرڻ. قادري طريقي وارا ان طرح ذڪر ڪندا آهن.
عشقيه: ذوق جي غلبي واري آواز ۾ ذڪر ڪرڻ. هيءُ طريقو چشتين وٽ رائج آهي.

(1) المنجد (عربي – اردو) ص 353 دارالاشاعت ڪراچي 1994

هن مثنويءَ جو غور سان مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته مشهور محدث علامه ابن قيم جو ڪتاب "الوابل الصيب" بيدل سائين جي مطالعي هيٺ رهيو. ان ڪتاب ۾ ذڪر جي فضيلت بيان ڪيل آهي. جنهن ۾ هن ٻڌايو آهي ته ذڪر جا سوءُ ڪان به وڌيڪ فائدا آهن. هن پنهنجي ڪتاب ۾ نمبروار 79 فائدا ٻڌايا آهن، هتي انهن مان ڪي فائدا بيان ڪجن ٿا.

Scanned by CamScanner

1- ذڪر شيطان ملعون کي ڀڄائي ڇڏي ٿو ۽ ان جي سگھہ کي گھٽائي ٿو.

2- ذڪر الله تعاليٰ جي خوشنوديءَ جو سبب آهي.

3- ذڪر دل جا درد ۽ غم دور ڪري ٿو. بيدل سائين فرمايو آهي:

وانکہ روگرداند شود از ذکر حق　رفع کي گردد ز خاطر او قلق

يعني جو حق جي ذڪر کان منهن موڙي ٿو، تنهن جي من مان مونجهارو ڪيئن دور ٿيندو.

4- ذڪر دل ۽ منهن کي منور ڪري ٿو.

5- ذڪر سان الله تعاليٰ جو قرب حاصل ٿئي ٿو ۽ جيترو ذڪر ۾ واڌارو ٿيندو، اوترو ئي الله تعاليٰ جي قرب ۾ اضافو ٿيندو ۽ جيتري ذڪر کان غفلت ڪئي ويندي، اوتري الله پاڪ کان دوري ٿيندي.

6- ذڪر الله تعاليٰ جي مغفرت جو درڪولي ٿو.

7- ذڪر دل کي زنده ڪري ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو بيدل سائين هن مثنويءَ ۾ فرمايو آهي:

ذکر مولیٰ باعثِ دل زندگي است
مايۂ آزادي و فرخندگي است

يعني: رب جو ذڪر دل جي زنده رهڻ جو ڪارڻ آهي ۽ ان جي آزادي ۽ خوشين جو سرچشمو آهي.

بيدل سائين هڪ ٻئي شعر ۾ فرمائي ٿو تہ ذڪر ترڪ ڪرڻ سان مصيبت پيدا ٿئي ٿي، بلڪ ائين ڪرڻ ايمان جي محور لاءِ گرهڻ وانگر آهي:

ترکِ ذکر آمد وبال جانها بل کسُوفِ محورِ ایمانها

ٻئي شعر ۾ فرمائي ٿو:

ترکِ ذکر آمد کسُوفِ نورِ دل – انهندام خانۂ معمور دل

يعني ذڪر ڇڏي ڏيڻ سان اندر واري روشنيءَ تي پاڇو پئجي وڃي

Scanned by CamScanner

ٿو ۽ آباد دل برباد ڪري ڇڏي ٿو.

حافظ ابن تيميہ فرمايو آهي تہ الله جو ذڪر دل لاءِ ائين آهي، جيئن مڇيءَ لاءِ پاڻي. غور ڪري ڏسو تہ پاڻيءَ کان سواءِ مڇيءَ جو ڇا حال ٿي وڃي ٿو.

مثنوي دلڪشا جي شروعات هن حمديہ شعر سان ٿئي ٿي.

حمدِ محبوبي ڪہ ذکرش دلکشا ست
باعثِ تفريحِ طبع و جان فزاست

جنهن جو ترجمو آهي: تعريف ڪريان ٿو ان مٺي محبوب جي جنهن جو ذڪر دل جي دري کوليندڙ طبع کي فرحت پهچائيندڙ ۽ روح کي راحت رسائيندڙ آهي.

مثنويءَ جي ٻئي ۽ ٽئين شعر ۾ ذڪر جي تعريف ڪندي، ان جون خاص خوبيون بيان ڪيون ويون آهن. چوٿين شعر ۾ فرمائي ٿو.

آمده لاريب در مصحف مجيد
اُذکروا ذِکراً کثيراً بس پديد

يعني ظاهر ظهور بنان شڪ شبهي جي قرآن شريف ۾ آيل آهي تہ ذڪر ڪريو. وڏيڪ ذڪر ڪريو.

هن شعر ۾ بيدل سائين قرآن پاڪ جي سوره احزاب جي آيت نمبر 41 دليل طور آندي آهي: الله تعاليٰ فرمايو آهي.

﴿ياَ يُّها الّذِينَ آمنُوا اذکُرُ اللهَ ذِکراً کثيرا﴾

يعني: اي ايمان وارو خدا جو تمام گهڻو ذڪر ڪريو.

وري ساڳي سوره جي آيت نمبر 42 جي روشنيءَ ۾ فرمائي ٿو:

صبح و شام از ذکر مولیٰ لب مبند
آخر اي غافل ز حق بپزير پند

يعني: سدائين ان سائين کي ياد ڪر ۽ صبح شام ان جي پاڪائي بيان ڪر.

قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

Scanned by CamScanner

﴿وسبّحُوهُ بُكرةً وَّ اَصيلاً﴾

بيدل سائين پنهنجي شعرن ۾ لڳاتار ذڪر جي تعريف ۽ تلقين ڪرڻ کان پوءِ هدايت ڪري ٿو تہ مٺي مهربان جا ٿورا مڃ. اها هدايت ڪرڻ کان پوءِ نصيحت ڪندي فرمائي ٿو:

رمزِ پنهان فهم اي مردِ طلب
رازِ قرآن بشنو اي جملۂ ادب

يعني: اي طالب ڳجهو راز سمجهہ، اي ادب جا صاحب! قرآن شريف جو راز پروڙ. ٻئي هڪ شعر ۾ فرمائي ٿو. هر پَل هر دم ذڪر ڪندو رهہ. ذڪر ڪرڻ بابت الله تعاليٰ جو حڪم ٻُڌ ۽ حرص و هوس ڇڏي ڏي: شعر ملاحظہ فرمايو:

ذڪرڪُن هر لحظہ و درهرنفس – بشنو ازحڪمِ ذڪروهَل هوس

اَن کان پوءِ قرآن پاڪ جي سُوره اعراف جي آيت نمبر 205 ڏني اٿائين:

﴿وَاذْكُرْ رَبَّكَ فِي نَفْسِكَ تَضَرُّعاً وَخِيفَةً وَّ دُونَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَولِ بِالْغُدُوِّ وَالأصالِ وَلا تَكُنْ مِنَ الْغَافِلِينَ﴾

اَن آيتَ سڳوريءَ جو ترجمو آهي: ”۽ پنهنجي پروردگار کي دل ئي دل ۾ عاجزي ۽ خوف کان ۽ جِهيڻي آواز سان صبح و شام ياد ڪندو رهو ۽ غافل نہ ٿجو“.

بيدل سائين ذڪر جي تعريف ڪندي پنهنجي هڪ شعر ۾ ان کي هڪ مُفيد مرهم سڏيو آهي. هُو ٻڌائي ٿو تہ هن مرهم وارو نسخو آزمايل آهي، ان سان لکين زخم ڇُٽي ويا. فرمائي ٿو.

نسخہ اين مرهم مجرب آمده
صد هزاران رِيشها زان به شده

هڪ شعر ۾ نصيحت ڪندي فرمائي ٿو تہ اي مردا! لوڪان لڪي آهہ ۽ زاري ڪندي پنهنجو سڀ ڪجهہ هُن لاءِ خرچ ڪر:

ذڪر خفيہ وهم اين ريش شد
هر ڪہ باخود زو بيخويش شد

Scanned by CamScanner

هن شعر ۾ بيدل ذڪر خفي جي طرف اشارو ڪيو آهي.

هڪ شعر ۾ فرمائي ٿو تہ "لا" جو وِرد تنهنجي هستيءَ ڪي مٽائڻ وارو آهي. وجود ڪي فنا ڪرڻ سان ئي مدهوشي ۽ بيخودي ايندي.

لابراي نفيءِ اين هستي نيست
نفيءِ هستي ناشيءِ مستي نيست

ان ڪان پوءِ ٻئي شعر ۾ فرمائي ٿو

چون شوي سرمست زين جامِ خفي
بر دلت پيدا شود ڪامِ خفي

يعني: جڏهن تون هن لڪل جام (ذڪر خفي) سان سرشار ٿيندين، تڏهن تو ۾ لڪل خواهشون پيدا ٿينديون.

هڪ شعر ۾ هن ريت مخاطب ٿئي ٿو:

اي فُلان مردانہ شو، مردانہ شو
بادۀ شوقش بِڪَش مستانہ شو

يعني: اي فلاڻا! مردن وانگر ٿيءُ، هن جي پريم جو پيالو پيءُ ۽ سرمت ٿيءُ.

بيدل سائين ذڪر سان گڏ فڪر جي اهميت اجاگر ڪندي فرمائي ٿو تہ جڏهن ذڪر جي پيماني پيئڻ سان مست ٿيندين تہ اهو زياده ذڪر توکي فڪر ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو.

شعر ملاحظہ فرمايو:

چون شوي مستانہ از پيمانۀ ذڪر
ڪثرتِ ذڪرت ڪُند شايستہِ فڪر

بيدل سائين گهڻي ذڪر جا فائدا بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ گهڻو ذڪر فڪر ڪي جنبش ۾ آڻي ٿو. سج جي تپت سان برف پگهرجي پاڻي ٿي پوي ٿي.

فڪر را جنبش دهد ذڪرِ ڪثير
آب شد از تابِ مِهر آن ز مهرير

Scanned by CamScanner

ذڪر جو سچ فڪر جي سرديءَ کي تحرڪ ۾ آڻي ٿو ۽ ٿون صاحب فڪر ٻنهي پوين ٿو. فرمائي ٿو:

ز مهرير فکر را خورشيد ذکر
جنبش بخشد شدي ز اصحاب ذکر

فڪر جا فائدا بيان ڪندي ٻڌائي ٿو ته شروع ۾ فڪر طالب جي (دل جي) ڪٽ ۽ ڪاراڻ کي صاف ڪري ٿو. فرمائي ٿو:

ليک سالک را درا دل فکرتي
صاف گرداند ز زنگ و قترتي

بيدل سائين ٻڌائي ٿو ته جو شخص ذڪر سان گڏ فڪر کي به جوڙي ٿو، سو دل جي پاڪ آستان مان ڇڻ خوف خطرن جهل ۽ ڪيني واري مٽي ٻهاري ڪڍي ٿو. اهڙيءَ ريت سينو ڪيني کان صاف ٿي وڃي ٿو. فرمائي ٿو:

ذکر جاروب حريم سينے است
دفعِ سازِ گَردِ جِهل و کينے است

بيدل سائين هن مثنوي ۾ هٺ ۽ وڏائي واري قلعي کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ لڳاتار پنج شعر چيا آهن. اختصار کان ڪم وٺندي فقط هڪ شعر پيش ڪجي ٿو. فرمائي ٿو:

قلعۂ پندار کہ اُو چون خيبر است
بيشک آسان پيش همت حيدر است

ترجمو: غرور جو قلعو خيبر جي مثل آهي، بيشڪ حيدرِ ڪرار جي همت آڏو اهو ڪيرائڻ آسان آهي.

بيدل سائين کي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح سان وڏي عقيدت ۽ محبت هئي. اهو ئي سبب آهي جو آخر ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو هيءُ بيت ڏنو اٿائين:

سڏن متي سڏڙا، واڪو هڏ ۾ لاهه
مَن ڪا ڪُوڪ سندياهه، ڪوهيارل ڪن پوي

Scanned by CamScanner

ان کان پوءِ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي صفت ۽ ساراهه ڪندي. سندن ڪلام جي تمام گهڻي تعريف ڪئي اٿس، فرمائي ٿو.

آن سرآمد عارفان و شاهِ عشق
رهبرِ عشاقِ حق در راهِ عشق

موجهاي منطقش درياي راز
بيت بيتش ساغرِ صهباى راز

بيت اوني بيت اقليم وجد
مومنِ توحيد را تسنيم وجد

حرف حرفش سربسر سوز و گداز
لفظ لفظِ اُو حقيقت خوش مجاز

گر تُو آري برزبان اسم شريف
عبد را گردان مضافِ بَالطيف

شاهِ شاهان صدر آراي الست
بهرِ فرطِ شوقِ ما فرموده است

ترجمو: اُن عارفن جي اڳواڻ ۽ عشق جي بادشاهه، عشق جي راهه ۾ عاشقن جي رهبر.

جنهن جي ڪلام جون موجون، الاهي رازن جو درياهه آهن ۽ جنهن جو هر هڪ بيت الاهي رازن جي شراب جو پيالو آهي، هُن جا بيت ناهن، پر مستي جي دنيا آهن ۽ حق جي هيڪڙائي ۾ اعتقاد رکڻ وارن لاءِ مدهوشي جي هڪ نهر آهن.

سندس هڪ هڪ حرف سراسر سوز آهي ۽ هن جو هر هڪ لفظ مجازي نما هوندي بہ حقيقت ڀريو آهي.

جيڪڏهن هن جو پيارو نالو زبان تي آڻيندين تہ عبد کي لطيف

Scanned by CamScanner

